SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XIV مجريه 2000

SINDH ORDINANCE NO.XIV OF 2000

سنڌ آبپاشي (ترميم) آرڊيننس، 2000

THE SINDH IRRIGATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 2000

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1879 جي ايڪٽ VII جي دفعه 61 ۽ 62 ۾ ترميم
Amendment of Section 61 and 62 of Act VII of 1879

سنڌ آرڊيننس نمبر XIV مجريہ 2000
SINDH ORDINANCE NO.XIV OF 2000

سنڌ آبپاشي (ترميم) آرڊيننس، 2000
THE SINDH IRRIGATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 2000

[15 نومبر، 2000]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن جي ذريعي سنڌ آبپاشي ايڪٽ، 1879 ۾ ترميم ڪئي ويندي،

جيئن تہ سنڌ آبپاشي ايڪٽ، 1879 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي،

جنهن کي هن طرح عمل ۾ آندو ويندو،

۽ جيئن تہ 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان ۽ 14 آڪٽوبر 1999 تي جاري ڪيل 1999 جي پرووِيزنل ڪانسٽيٽوشن آرڊر نمبر 1 جي تحت صوبائي اسيمبلي معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ جي ضرورت آهي،

تنهنڪري هاڻي هيٺين:

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر 9، چيف ايگزيڪيوٽو جي هدايت ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جو گورنر خوشيءَ سان هيٺيون

آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ آبپاشي (ترميم) آرڊيننس، 2000 سڏيو ويندو.

(2) هن کي خريف، 2000 کان في الفور نافذ سمجهيو ويندو.

1879 جي ايڪٽ VII جي دفعہ 61 ۽ 62 ۾ ترميم
Amendment of Section 61 and 62 of Act VII of 1879

2. سنڌ آبپاشي ايڪٽ 1879، ان کانپوءِ ۾ ايڪٽ ئي سڏيو ويندو، جنهن جي دفعہ 61 ۾ ايندڙ لفظن "ٽن مهينن" جي جاءِ تي "۽ سال" ۽ لفظ "هڪ هزار روپيہ" جي جاءِ تي "ڏهہ هزار روپيہ" جي لفظن کي متبادل سمجهيو ويندو.

3. هن ايڪٽ ۾ دفعہ 62_A کانپوءِ هيٺين جاڙايل نئين کي دفعہ کي شامل ڪيو ويندو.

"62_B ناقابل ضمانت وارنٽ.

۽ دفعہ 61 ۽ دفعہ 62 جي تحت قابل سزا ڏوهہ ناقابل ضمانت هوندو. "

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.